# مخزن العلوم

يعني

## حصو

## علم فقه جو

از

افادات

اعلىٰ حضرت فضائل مآب جناب شاه آغا صاحب

سرهندي، مجددي، مد ظله العالي

# مخزن العلوم
## حصو
## علم فقه جو
## بعض مسئلا فقه جا

فقه جا مسئلا ته بيشمار آهن، مگر اسين هتي فقط اُهي ذڪر ڪنداسين جيڪي اساني نظر ۾ تمام ضروري آهن

گر بينم ڪه نابينا و چاه است  اگر خاموش بنشينم گناه است

(١) **مسئله** :- ڪي ماڻهو امام کي رڪوع ۾ ڏسي، پري کان ڊوڙندا اچي ڪندا، گڏا تي اچي نماز ۾ شامل ٿيندا آهن، تان جو رڪعت کي پهچي وڃون امام سَمِعَ اللهُ لِمَنْ حَمِدَه به چيو ڇڏي ته هو الله اڪبر چئي پهنجو رڪوع ڪري، اها رڪعت پهنجي پوري امام جي پٺيان ليکيندا آهن. قيام ڪرڻ دادني قدر تسبيح جو) نماز ۾ فرض آهي سو ڪونه ٿيو ۽ رڪوع ۾ به امام کي پهچڻ ڪونه ٿيو جنهن ڪري اها رڪعت پوري ڪانه ٿي ۽ پوري ڪانه ليکبي ۽ مُقتدي کان اها رڪعت وئي. انهي صورت ۾ امام جي سلام ورائڻ کان پوءِ، اهو پهنجي اها رڪعت پڙهي نماز پوري ڪري هونءَ ٻه رڪعت لاءِ ڊوڙي ڊوڙي مسجد ۾ اچڻ، خلاف ادب ۽ وقار جي آهي. آرام ۽ تهذيب سان اچي جماعت ۾ شامل ٿجي، پوءِ جتي پهچي اهو چڱو

(٢) مسئله :- ڪي ماڻهو وضو ڪرڻ مهل مٿي جي مسح لاءِ هٿ پُسائي، پنهنجو

# "خوشخبري"

علم دوست حضرات کي عموماً ۽ حضرت صاحب مد ظله العالی جي مخلصن ۽ مريدن کي خصوصاً خوشخبري ڏني ٿي وڃي ته "مخزن العلوم" جو حضرت صاحبن مرتب فرمايو آهي، انهي جا ڪي حصا (حصو علم ادب، حصو علم قرأت ۽ حصو علم فقه جو) ڇپجي تيار ٿي ويا آهن. باقي حصن مان، حصو علم طب ۽ حصو علم تعويذات جو جلد ڇپرايو ويندو، حصو علم حديث ۽ حصو علم تصوّف و سلوڪ جو ٿوري دير بعد ان شاءَ الله تعالیٰ شايع ڪيا ويندا -

شائقين حضرات کي ڇپيل حصا آساني سان دستياب ٿي ويندا

## ملڻ جو هنڌ

واحد بڪ ڊپو جهونا مارڪيٽ ڪراچي ع ۲

عباسي ڪتب خانه جهونا مارڪيٽ ڪراچي ع ۲

ادارهٔ مجدديه ۵/۲۰۷/۱۱۱ ناظم آباد ڪراچي ع ۱۸

مڪان ع ۱۶۳ گارڊن ويسٽ ڪراچي ع ۳